# مذهبن ۽ فطرت متعلق شيخ اياز جي خيالن جو اڀياس
# An Study About Shaikh Ayaz's Thoughts on Religion and Nature


## *Abstract:*

*Shaikh Ayaz is an Internationally acknowledged poet and prose writer, who has greatly contributed in the forms of poetry and prose, particularly his towering output falls in poetry. It is observed that his literary works are replete with various subjects like romanticism, symbolism, imagism, naturalism etc. This paper attempts to explore Shaikh Ayaz's thoughts on religions and nature. Findings suggest that his works abundantly portray elements of nature and religions. Shaikh Ayaz has expressed ideas with great vigor; this paper is an addition to the already existing body of literature on Shaikh Ayaz.*


شيخ اياز شعوري زندگيءَ جي شروعات کان وٺي، پنهنجي رب جي هيڪڙائيءَ ۾ يقين رکندڙ هو. فطرت کيس هميشہ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندي رهي. بنيادي طور تي مذهب، خدا شناسائي ۽ چڱاين طرف لاڙيندڙ ۽ برائين کان روڪيندڙ رهيو آهي. اياز مذهبن جي فڪري انفراديت ۾ دلچسپي رکندڙ شاعر هو. هر مذهب جي چڱي ڳالهہ انساني سماج لاءِ چڱي آهي. انسان جي هوڏ، هنيلي طبيعت، تجسس ۽ لالچ ئي کيس مصيبتن جي منهن ۾ وڌو آهي. سوچيندڙ ذهن پنهنجي وجود کان ڪائنات جي تخليق تائين، سدائين سوچيندو رهي ٿو. ڪي ئي سوال ذهن ۾ اڀرن ٿا، ڄمڻ کان مرڻ تائين ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ بابت، جسم ۽ روح جي فنا ۽ بقا جهڙا سوال اڪثر سوچيندڙ ذهن ۾ گردش ڪندا رهن ٿا.

هيءَ ڪائنات، بنا ڪنهن مقصد جي وجود ۾ آيل ناهي. مذهب ۽ فطري حقيقتون گهڻو ڪجهہ سوچڻ ۽ غور ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون. شاعرن سان تہ سوچ پاڇي جيان گڏو گڏ رهي ٿي. پاڻيءَ جا آبشار، وڏا وڏا جبل ۽ انهن جي بيهڪ، سمنڊ، درياءَ ۽ انهن ۾ جيوت، گهاٽا ٻيلا، جهنگ ۽ انهن ۾ رهندڙ پکي، جانور ۽ انهن جا مختلف مزاج، رنگ، نسل، ريتون ۽ رسمون. انهن جا فائدا ۽ نقصان، برائي، چڱائي، روح، جسم ۽ ان جي ابديت ۽ فنائيت تي سوچڻ، انسان جي فطرت ۾ شامل آهي.



جيئن جيئن انسان جي شعوري سگهہ وڌي ٿي ۽ جيئن جيئن مطالعو وسيع ٿئي ٿو تيئن تيئن ڪائنات جي تخليق تي حيران ٿي، ڪائنات جي خالق جي عظمت کي شدت سان محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. شيخ اياز فطري شاعر هو. تنهنڪري هن نہ صرف شاعري ڪئي پر فطرت ۽ انسان جي وجود ۽ فنائيت کي سمجهڻ لاءِ مسلسل مطالعو جاري رکيو. انسان جي جستجو، پوڄنا ۽ ويڳاڙپ کي محسوس ڪيو. شيخ اياز جيل پوڳيا، ماڻهن جي هجومن ۾ رهيو، ادبي مفڪرن سان واسطي ۾ رهيو، اقتداري ڌرين کي ويجهي کان ڏٺائين. نفرت ۽ پيار کي محسوس ڪيائين. انهن سمورين فڪري ڌارائن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو. سندس شاعري ۽ نثر فڪر انگيز آهي، ڪائنات جي ڪيترن ئي لقائن بابت تصور سندس شاعريءَ ۾ سمايل آهن.

شيخ اياز هميشہ زندگي ۽ فطرت جي حقيقتن کي ڄاڻڻ جي جستجوءَ ۾ رهيو. سندس مطالعي ۾ عيسائي، ٻڌ ازم، هندومت، جين مت ۽ اسلام جهڙا دين ۽ مذهب رهيا. هو سوشل ازم، ڪميونزم کان بہ واقف هو ۽ دنيا جي فلسفين، شاعرن ۽ مفڪرن جي بہ کيس ڄاڻ هئي. شيخ اياز پنهنجي دور جي ڏيهي ۽ پرڏيهي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن کان واقف هو. هو ڄاڻي ٿو تہ:

> مون سامي مذهبن جو ڪافي گهرو مطالعو ڪيو آهي، پر فساد خلق جي خوف کان، فقط ٻڌمت ۽ هندو مت جي ڇنڊڇاڻ ڪري رهيو آهيان، پر منهنجي شاعريءَ ۾ هر مذهب ۽ مت مان ۽ هر فلسفي مان ڪيئي سوال اڀري آيا آهن، جي پنهنجا تضاد سلجهائڻ چاهين ٿا.
>
> مان اهو چڱي طرح ڄاڻان ٿو، تہ هن جيون جي ڇايا ٿورو وقت آهي ۽ ان ٿوري وقت ۾ انساني ڪارج کي اولين اهميت آهي، پوءِ بہ منهنجن ڪنن ۾ گوتم ٻڌ جا لفظ گونجڻ لڳن ٿا:
>
> ”ڏس ڪيئن سڀ شيون گذري وڃون آهن، ناس ٿي وڃون آهن، الوپ ٿي وڃون آهن. ان ريت ساري جوڙ عارضي آهي، بي اعتبار آهي. ان ساري جوڙ سان ملي ڪڪ ٿي پئون ٿا،ان سان ملي وڇڙي وڃون ٿا ۽ نيٺ سارا ٻنڌڻ ٽوڙي وڃون ٿا.“ (شيخ، 1990 : 16)

مفڪر انسان جي، جيئن جيئن عمر وڌنڌي ويندي آهي، تيئن تئين سندس

سوچن ۾ بہ گهرائپ پيدا ٿيندي ويندي آهي. زندگيءَ جي حقيقتن کان ڪير بہ لنوائي نہ ٿوسگهي ۽ نہ ئي وري ان ڳالهہ کان انڪار ڪري سگهجي ٿو تہ هيءَ زندگي ڪيس ڪنهن مقصد بنا مليل آهي. ڪائنات جي سچ کي سمجهڻ لاءِ هي جيون مليل آهي. شيخ اياز ڄاڻائي ٿو تہ:

هينئر جڏهن موت جي سرحد ويجهي اچي پهتي آهي، تڏهن مون ۾ اهو احساس گهرو ٿي رهيو آهي تہ اسان مان هر ڪنهن کي مرڻو آهي ۽ اهي سڀ جن کي اسان پيار ڪيو آهي، يا تہ مري چڪا آهن يا جلد يا دير سان مرڻا آهن، پر مون کي اڃان تائين معلوم ناهي تہ جڏهن انسان مري وڃي ٿو، تڏهن هن جو ڇا ٿئي ٿو؟ ڇا جسم جو موت شخصيت جو اختتام آهي؟ يا شخصيت هڪ پاينده شعور جي حيثيت ۾ ابدي آهي؟ ڇا انسان نئون جنم وٺي ٿو يا ان کي ٻيهر جسم خاڪي نہ ٿو ملي ۽ اهو هڪ روحاني جسم وڃي رهي ٿو؟ ڇا موت کان پوءِ زمان ۽ مڪان جو سلسلو رهي ٿو ؟ جي آهي تہ دائمي يا عارضي آهي؟ ڇا شخصيت ڪنهن روحاني حقيقت ۾ مدغم ٿي وڃي ٿي، جيئن بوند سمونڊ ۾ سمائجي ويندي آهي؟.(شيخ، 1990 :14)

راتين جا اوجاڳا شاعر جي وڏي ميراث ٿيندا آهن. جڏهن ساري ڪائنات سڪون جي ننڊ ۾ ستل هوندي آهي تہ شاعر فطرت جي حقيقت ۾ پيهي، هڪ غواص جيان موتي ميڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان جستجوءَ ۾ ڪيس ڪيترييون ئي حقيقتون معلوم ٿينديون آهن. حقيقتن کي قلم بند ڪري ان وقت سمهندو آهي، جڏهن ٻي خلق خدا جي جاڳڻ شروع ڪندي آهي. شيخ اياز بہ راتين جا اوجاڳا ڪيا، انهن اوجاڳن متعلق ڄاڻائي ٿو تہ:

مون راتين جون راتيون جاڳي انهيءَ تي سوچيو آهي تہ ڇا انسان پنهنجا پراڻا ويس وڳا لاهي نوان ويس وڳا پائي ٿو؟ جي ها، تہ ڪڏهن کان ۽ ڪيسيتائين؟ ڇا دک سک، سونهن اَسونهن، ڀاڳ نياڀاڳ لاءِ ڪوئي سبب آهي يا اهو رڳو اتفاقي آهي؟ اهو ڪئين آهي تہ، مون ڀهريون شعر تڏهن چيو، جڏهن،



منهنجي عمر ڏهہ يارنهن ورهيہ هئي ۽ ان جو بحر وزن لڳ ڀڳ پورو هيو؟ ڇا هن زندگيءَ کان اول مون کي شاعريءَ سان واسطو رهيو آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ ڪيڏا نہ منظر آيا آهن، جن کي مون شعوري طور ڪڏهن بہ ڏٺو نہ آهي؟ جرمن موسيقار موزارٽ (Mozart) اٺين ورهين جي عمر ۾ اهڙي موسيقي ڪيئن ڏني جو ڪهنہ مشق موسيقار بہ هن کي ٻڌي حيران ٿي ويا؟.(شيخ، 1990 :15)

شيخ اياز گهڻو پڙهندڙ شاعر هو. هن ڏيهي ۽ پرڏيهي شاعريءَ کي ڏاڍي چاهہ سان پڙهيو ۽ مقصد واريون ڳالهيون ذهن نشين ڪيون. دنيا جي فلسفين، شاعرن ۽ مذهبي پيشوائن جي زندگي، سندن ڪتابن ۽ مذهبي تعليم جو بہ ڪيس مطالعو هو. شيخ اياز افلاطون، شيڪسپيئر، گوتم ٻڌ جي مذهبي تعليم کي باقائده پڙهندو هو ۽ انهن جون سٺيون ۽ مقصد واريون ڳالهيون پنهنجي ڪتابن جي مهاڳن ۾ ڏيندو رهيو. پنهنجي شعري مجموعي ”اڀر چنڊ پس پرين“ جي مهاڳ ۾ شيخ اياز شيڪسپيئر جي هڪ سانيٽ جون هي چار سٽون ڏنيون آهن:

Like as the waves make towards the pebble shores
So do our minutes hasten  to their end
Each changing place with that which goes before
In sequent toil all forwards do contend.

(جيئن لهرون پٿرائينءَ ڪنڌيءَ ڏانهن وينديون آهن، ان ريت (اسان جي زندگيءَ جون) گهڙيون پنهنجي انت ڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهيون آهن. هر ڪا (گهڙي) انهيءَ سان جاءِ بدلائي ٿي جا ان کان اڳ گذري چڪي آهي ۽ اهي (گهڙيون) سڀئي لڳاتار جاکوڙ ڪري وڌي رهيون آهن“.(شيخ، 1990 :16)

شيخ اياز گوتم ٻڌ جي انت يا پڄاڻيءَ جي متي ۽ افلاطون جي ڪتاب ۾ روح جي پابنديءَ متعلق ويچار هن ريت ويچاري ٿو:

”ٻڌ مت ۾ انت (Anata) جي متي تي مون ڪافي غور ڪيو آهي. ساڳئي طرح افلاطون (Plato) جي ڪتاب (Phaedo) ۾ ذڪر ڪيل روح جي پابنديءَ تي بہ غور ڪيو آهي، جنهن

کي ڪيٿولڪ چرچ، ٿامس واري دينيات (Thomist Theology) ۾ اپنايو آهي. ان دينيات کي هر ڪنهن نه قبوليو آهي ۽ فلسفي مان سبب ڏيئي ان تي تنقيد ڪئي آهي ۽ اهڙي تنقيد خاص ڪري جرمن فلاسافر ڪانٽ ڪئي آهي." (5)

شيخ اياز جو مذهبن ۽ فلسفين متعلق مطالعو وسيع هو. هو حقيقت پسند شاعر هو جنهن پنهنجي مطالعي کي هميشہ وسيع رکيو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس شاعريءَ ۾ آفاقيت وارو عنصر وڌيڪ آهي. شيخ اياز ڏيهي ۽ پرڏيهي مطالعي ۽ مشاهدي کي پنهنجي ڪتابن جي مهاڳن ۾ بہ ظاهر ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جي ڪتابن جا مهاڳ، جيڪي اڪثر سندس لکيل آهن تن ۾ شيخ اياز جي اندر جون سچايون موجود آهن. هن جي سوچن ۽ ڪيل مطالعي جي روشنيءَ ۾ اخذ ڪيل نتيجا، فطرت کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏين ٿا. دنيا جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو ادارڪ رکڻ ۽ شاعر واري دل سان فطرت جو مشاهدو ڪرڻ ۽ سوچڻ سان ئي انسان پنهنجي انائن کان آجو ٿئي ٿو. تڏهن سندس "مان" ختم ٿئي ٿي ۽ صرف "تون ئي تون" رهجي وڃي ٿي. جيڪا انسان جي زندگيءَ جي حقيقت پڻ آهي.

شيخ اياز پنهنجي ڪتاب "ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون" جي مهاڳ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ:

"شاعري ساحري بہ آهي، پيغمبري بہ آهي، هاڻي تہ منهنجي ساري "مان" والاري وئي آهي. ان ۾ ميران ٻائي جي گيت "گهٽ گهٽ مين، پنڇي بولتا" يا ڀٽائي جي بيت "جرتر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي" جهڙي ڪيفيت آهي. ڪوئي ازل ابد جو گيت منهنجي پڃري مان ٻولڙيون ٻولي ٿو. نہ ڄاڻان اهو پکي ڪڏهن چپ ٿي ويندو ۽ پڃري مان اڏامي ويندو. ڪيڏاهن ۽ ڪيسيتائين؟ ڪيئن ڇئجي!".

(شيخ، 1993: 34)

انسان جي جيئن زندگي وڌي ٿي تيئن ئي شعور ۽ ادارڪ ۾ پختگي اچي ٿي. زندگيءَ جي پنڌ کي جهاڳي، مشاهدا ماڻي، شيخ اياز بہ دنيا سان ناتا ٽوڙي پنهنجي



حقيقي مالڪ سان ناتا جوڙڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو:

"جڳ سان ناتا ٽوڙ ناتو جوڙ الله سان
اچ تہ مهاران موڙ ڏاچي پنهنجي ڏيهہ مان"

(جويو ۽ مرزا، 2010: 43)

شيخ اياز نظرياتي طور تي صوفي هو ۽ تصوف جي وحدت الوجودي فلسفي جو قائل هو. جنهن جي شاهدي، سندس ڪتاب تي لکيل مهاڳ ۾ هي سٽون ڏئي رهيون آهن:

"نظرياتي طور مان تصوف جي وحدت الوجود جو قائل آهيان. عطار، رومي، عمر خيام، سرمد، حسين بن منصور حلاج ۽ پنهنجي ڀٽائي کان متاثر آهيان. جنهن نہ رڳو سنڌ لاءِ سڪار گهريو هو، پر پوري عالم لاءِ دعا گهري هئائين تہ اهو آباد رهي".

(شيخ، 1998: .9)

شيخ اياز پنهنجي سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ فارسي، عربي، هندي، انگريزي، اردو، سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين جو بہ ڄاڻو هو. هن حسين بن منصور حلاج جي سنڌ آمد جو بہ ثبوت هٿ ڪري ڏنو آهي: "مون تازو منصور جي عربي ديوان جي مهاڳ ۾ پڙهيو هو تہ "هو سنڌ ۾ آيو هو ۽ قرمطي فرقي لاءِ هن کي خاص رغبت هئي. جن جون قبرون اڃان چوکنڊيءَ جي قبرستان ڪراچيءَ ۾ موجود آهن".(شيخ، 1998: 9)

مذهبي طور، شيخ اياز الله جي هيڪڙائيءَ جو قائل هو. کيس پنهنجي رب ۾ پورو ويساهہ هو. هو خدا کي پنهنجي وجود ۾ محسوس ڪندي، پنهنجي وجود کان بہ ويجهو محسوس ڪري ٿو:

تون ئي منهنجي ساهہ ۾ تون ئي آن ويساهہ
تون جو آنهہ الله، مون کي مون کان ويجهڙو".

(شيخ،: 1998: .10)

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هر شئي جي پڇاڻي ٿئي ٿي. شاعر، فلاسافر، سائنسدان ۽ دانشور پنهنجي زندگيءَ کي ٻين جي سک، سهولت، سچائيءَ ۽ آڇپي سان سلهاڙيندا آهن. جنهن ڪري انسان ذات سندن قدر ڪري انهن کي پنهنجي دلين ۾ جايون ڏيندي آهي. شيخ اياز پنهنجي نثر ۾ فڪري طور هڪ صوفي مزاج رکندڙ ليکڪ نظر اچي ٿو. مذهب جو مطالعو ۽ فطرت جو مشاهدو، سندس ڪتابن

جي مهاڳن منجهه ۽ شاعريءَ ۾ پڙهي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿو. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي فڪري پهلو آهن پر مذهب ۽ فطرت متعلق سندس ڳوڙهو اڀياس هو جنهن جي روشنيءَ جا ڪرڻا صدين تائين روشن رهندا.

**حوالا:**


- شيخ، اياز (1990)، اڀر چنڊ پس پرين. ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
- شيخ، اياز 1993) چوليون پوليون سمنڊ جون. ڪراچي، سنڌ: مڪتبہ دانيال.
- جويو تاج ۽ مرزا، نصير (سهيڙ ۽ سنوار)، (2010). شيخ اياز جي شاعري (جلد 10). ڪراچي سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.
- شيخ، اياز (1998)، اٿي اور الله سان. شڪارپور سنڌ: مهراڻ اڪيڊمي.